# خريف ۾ ٿيندڙ ڀاڄين جي پوک جو طريقو

# کريلي جي پوک





**Islamic Relief Pakistan**

**CAAFSS Information Hub Thatta**



# (Bitter Gourd) ڪريلا

پوکيءَ جو وقت: 1. فيبروري کان مارچ

2. جولاءِ کان آگسٽ

پوکيءَ جو طريقو: ڏيڍ کان ٻن فوٽن جي فاصلي تي چنگيڪاري ڪليءَ سان پهريان سوراخ ڪري اُن ۾ ٻه داڻا ٻج جا وجهي مٽيءَ سان ڍڪي پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪجي. پر ٻج لاءِ سوراخ گهڻو اونهو نه ڪجي.

پاڻي: هٿ واري ڦوهاري سان هڪ نه ٻئي ڏينهن ضرورت مطابق ٿڌ واري وقت تي ڪبو رهجي.

پاڻي جو طريقو: 8 کان 12 دفعا

لابارو: اپريل کان جولائي

پيداوار في ايڪڙ: 100 کان 125 مڻ

ڀاڻ: في ايڪڙ ٻه ٽرڪون

ڪيميائي ڀاڻ: يوريا 2 کان 3 ٻوريون

ڊي اي پي 1 کان 2 ٻوريون

پوٽاش 1 ٻوري

جنسون: نصرپوري

گهوٽڪي





ڪريلو گرميءَ جي موسم جي هڪ اهم غذائيت سان ڀرپور سبزي آهي، جنهن جي پوک لاءِ وچولي آبهوا موزون قرار ڏني وڃي ٿي. پنجاب ۾ ان جي پوک عام طور فيبروريءَ کان جولاءِ تائين ٿيندي رهندي آهي ۽ ان جي ٻج کي اُڀرڻ لاءِ 25 کان 30 سينٽي گريڊ گرمي پد جي ضرورت هوندي آهي. پنجاب جي وچولي ۽ ڏاکڻن ضلعن فيصل آباد، ٽوبه ٽيڪ سنگهه، رحيم يار خان، بهاول پور، بهاول نگر، ملتان ۽ وهاڙي ۾ ڪريلي جي پوک تمام گهڻي ٿيندي آهي. جڏهن ته اُترين علائقن شيخو پوره، لاهور، گوجرانواله، گجرات، اوڪاڙه ۽ حافظ آباد ڪريلو ۽ ان جو ٻج پيدا ڪرڻ لاءِ موزون علائقا آهن. سنڌ ۾ به ڪريلي جي پوک وڏي پيماني تي ڪئي ويندي آهي.

## زمين جي تياري:

ڪريلي جي پوک لاءِ اهڙي زرخيز زمين بهتر قرار ڏني وڃي ٿي جنهن جي تيزابي خاصيت يعني پي ايڇ 7 يا ان کان گهٽ هجي ۽ جنهن ۾ پاڻيءَ جو نيڪال بهتر هجي. زمين ۾ نامياتي



مادي جي مقدار ۾ مناسب اضافي لاءِ فصل پوکڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو اڳ في ايڪڙ 10 کان 12 ٽن ڇيڻي جو ڳريل سڙيل پاڻ وجهي ڀرپور هر ڏيڻ گهرجي ته جيئن زمين وڌيڪ گهرائيءَ تان اُکيڙي سگهجي ۽ جيڪڏهن اڳ ۾ ڪو فصل پوکيو ويو هجي ته ان جي رهجي ويل ٻوٽا پاڙن کان اُکيڙجي ڳري وڃن ۽ نامياتي مادن ۾ اضافي جو سبب بڻجن.

ڪريلي جي پوک لاءِ زمين کي هموار ڪرڻ بعد کيرين ۾ ورهائي ونو ۽ ريج ڏئي ڇڏيو. وٽ اچڻ تي 2 يا 3 ڀيرا سهاڳو هلائي زمين کي چڱيءَ طرح نرم ۽ ڀربرو ڪري ڇڏيو. گند گاهه کي ضايع ڪرڻ لاءِ زمين کي ڪجهه ڏينهن تائين ڇڏي ڏيو. ڪريلي جي ٻج لاءِ زراعت



کاتي جي سفارش ڪيل قسم کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. اهڙي قسم جي ٻوٽن جو رنگ هلڪو سائو هوندو آهي ۽ اهو فصل جلد پچي تيار ٿي ويندو آهي. ڪريلي جو فصل وچ فيبروريءَ کان اپريل تائين ٿئي ٿو ۽ مئي کان سيپٽمبر تائين ڦر ڏئي ٿو. پاڇاتو فصل جون يا جولاءِ ۾ پوکي سگهجي ٿو ۽ ان جو ڦر آگسٽ کان نومبر تائين حاصل ٿئي ٿو.

**ٻج پوکڻ ۽ پاڻ ڏيڻ:**

ڪريلي جي ٻج جي شرح جو دارومدار ان جي قسم تي هوندو آهي. سنو ڦوٽاڙي وارو ٻج 2 کان اڍائي ڪلوگرام في ايڪڙ ڪافي هوندو آهي. جيڪڏهن ٻج جو ڦوٽاڙو بهتر نه آهي ته پوءِ ساڍا 3 کان ساڍا 4






ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج جي شرح مناسب هوندي آهي. ڪريلو پوکڻ وقت في ايڪڙ 3 ٻوريون سنگل سپر فاسفيٽ، هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ ۽ هڪ ٻوري پوٽاش وجهو. گل اچڻ تي في ايڪڙ اڌ ٻوري يوريا پاڻ استعمال ڪريو. ڦريون ٽيڻ بعد چونڊي جي ٽن وارن ڪانپوءِ في ايڪڙ اڌ ٻوري يوريا وجهندا رهو. ڪريلي جي فصل لاءِ تيار ٿيل زمين تي اڍائي ميٽرن جي فاصلي تي لڳايل نشانن کي ٻنهي طرفن کان انهيءَ حساب سان پاڻ پکيڙي ڇڏيو ۽ پوءِ اڌ ميٽر ويڪريون پٽڙيون ٺاهيو. پٽڙين جي ٻنهي طرفن کان ڪنارن تي لڳ ڀڳ 45 سينٽي ميٽرن جي فاصلي تي 2 کان 3 ٻج 3 سينٽي ميٽر گهرائيءَ ۾ پوکيو ۽ زمين کي پاڻي ڏئي ڇڏيو. ٻج پوکڻ کان اڳ ٻج تي ڦقوند مار زهر 2 کان 3 گرام في ڪلوگرام جي حساب سان لڳايو.

**پاڻي ڏيڻ:**

ڪريلي جي فصل لاءِ پهريون پاڻي پوک جي هڪدم پوءِ ڪريو. ان



کانپوءِ هفتيوار آبپاشي ڪندا رهو. جڏهن موسم گرم ٿي وڃي ته آبپاشي 4 ڏينهن جي وقفي سان يا ضرورت مطابق



ڪريو. ڪريلو جيئن تہ گرميءَ جي موسم جو فصل آهي، ان ڪري ان جي آبپاشيءَ ۾ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي.

جيتري زمين ٿڌي رهندي اوترو ئي ڦر وڌيڪ ٿيندو ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو. ماهرن موجب جيڪڏهن ڪريلي جو ٻج 12 ڪلاڪن تائين پاڻيءَ ۾ پُسائڻ بعد پوکيو وڃي تہ ٻئي پاڻيءَ تي هي 100 سيڪڙو ڦوٽاڙو ٿي ويندو آهي. جڏهن فصل ڦُٽي وڃي ۽ 3 پن نڪري اچن تہ چانگ ڪري هر هنڌ صحتمند ٻوٽا ڇڏي فالتو ٻوٽا ڪڍي ڇڏڻ گهرجن. گند گاهہ کي ضايع ڪرڻ لاءِ گُڏ ڪيڏڻ گهرجي ۽ ان دوران ٻوٽن تي مٽي بہ وجهي ڇڏيو. ڪريلي جي فصل کي گند گاهہ کان بچائڻ لاءِ جڏهن بہ ضرورت هجي گُڏ ضرور ڪيڏڻ گهرجي، نہ تہ پيداوار متاثر ٿيندي.

**ڪريلي جي فصل تي حملي آور ٿيندڙ بيمارين ۽ انهن جو علامتون:**



**روئيدار ڦڦوند:** هي بيماري 15_20 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ هوا ۾ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ نميءَ





سبب پيدا ٿيندي آهي. فصل جي تڪڙي واڌ ويجهہ دوران جيڪڏهن برسات پئجي وڃي ۽ هوا ۾ نميءَ جو مقدار وڌي وڃي يا بادل ڇانئجي وڃن تہ هيءَ بيماري وڌيڪ پکڙجي ٿي.

هن بيماريءَ جو حملو ٻين بيمارين سان گڏ ڪريلي جي فصل تي بہ ٿئي ٿو. پنن جي هيٺين سطح تي نمدار داغ ظاهر ٿين ٿا، بعد ۾ انهن داغن جو رنگ هلڪو سائو، پوءِ پيلو ۽ آخر ۾ ڀورو ٿي وڃي ٿو. اهي داغ تيزيءَ سان وڌندا آهن ۽ پن مرجهائجي سُڪي ويندا آهن. موسم وڌيڪ نمدار هجي تہ ٻوٽو ڳري وڃي ٿو.

**سفوفي ڦڦوند:** هن بيماريءَ جو سبب 20_27 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ هوا ۾ 50 سيڪڙو يا ان کان گهٽ نمي هوندي آهي. هن بيماريءَ جو حملو گرم ۽ خشڪ موسم ۾ ٿيندو آهي. شروع ۾ پراڻن پنن جي مٿان گول اڇا داغ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندا آهن، جيڪي آهستي آهستي ٽُڙ ۽ پنن جي مٿين سطح تي بہ نظر اچڻ شروع ٿيندا آهن. انهن داغن جي ڪري پنن جي سطح تي اڇا ڦڦوند جمي ويندا آهن. بيماريءَ کان متاثر ٿيندڙ پن مرجهائجي ڀوري رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ آخرڪار مري ويندا آهن.



**ڪيڙن جو تدارڪ ڪيو وڃي:**

زراعت کاتي موجب آبادگارن کي گرميءَ جي موسم ۾ پوکيون ويندڙ



سبزين کي نقصان رسائيندڙ ڪيڙن جي تدارڪ لاءِ فصلن جو روزاني جي بنياد تي معائنو ڪرڻ گھرجي.

رس چوسيندڙ ڪيڙا پنن جو رس چوسي ٻوٽن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن ۽ فصلن ۾ وائرس پکڙجڻ جو سبب بڻجندا آهن. جڏهن ته ٽُڙ ۽ ڦر اندر داخل ٿي نقصان پهچائيندڙ ڪيڙا پنن ۽ ننڍن ڦرن کي ڪائي فصل کي نقصان پهچائيندا آهن. نقصان رسائيندڙ ڪيڙن جي بيدن، ٻچن ۽ بالغن کي هٿ سان جهلي ماري ڇڏيو. جڏهن ته چور ڪيڙن جي تدارڪ لاءِ روشنيءَ جو ڄار وڇايو. ڦر کي نقصان رسائيندڙ مک ڪريلي جي فصل کي تي ان وقت حملي آور ٿيندي آهي جڏهن ڦر نرم حالت ۾ هوندو آهي. ان جي حملي سان تيار ٿيل ڦر مڪمل طور ضايع ٿي ويندو آهي. ان جي تدارڪ لاءِ ٻوٽن تي صبح سوير ننڍي ڦوهاري جي مدد سان ٿڌو پاڻي ڇٽڪارڻ گھرجي. نقصان رسائيندڙ ڪيڙن جي حملي سان متاثر پنن ۽ ڳريل سڙيل ڦر کي توڙي زمين ۾ گھٽ ۾ گھٽ 2 فوٽ گھرائي ۾ پوري ڇڏڻ گھرجي.







